
سيڪارڙ جي حلقن جو جدول

# ديني ڪتاب پڙهڻ



23 اپريل 2026

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **ديني ڪتاب پڙهڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **علم ۾ اضافي جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم!

## قرآن ڪريم صحيح سکڻ ۽ سيکارڻ

### دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي جمعي جي ڏينهن درود پاڪ پڙهندو، مان قيامت جي ڏينهن اُن جي شفاعت ڪندس. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ديني ڪتاب پڙهڻ

اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه علم ۽ عمل جي لاءِ اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ سوالن جي صورت ۾ "نيڪ اعمال" جا مختلف رسالا ترتيب ڏنا آهن. اج اسان "72 نيڪ اعمال" جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر ؛ 12 جي باري ۾ سکنداسين.

نيڪ عمل نمبر: 12: ڇا اج توهان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يا مڪتبة المدينہ جي ڪنهن

---

1...جمع الجوامع، جلد:7،صفحہ:199،حديث:22352-

ڪتاب يا رسالي يا ماهورا فيضانِ مدينہ کي گهٽ مان گهٽ 12 منٽ پڙهيو يا ٻڌو ؟

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّاۤ اَمَانِیَّ
وَ اِنْ هُمْ اِلَّا یَظُنُّوْنَ۝۷۸

ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن مان ڪجهہ اڻ پڙهيل آهن جيڪي ڪتاب کي نٿا ڄاڻن، پر زباني پڙهي وٺڻ يا ڪجهہ پنهنجي من گهڙت ۽ اهي صرف وهم ۽ گمان ۾ پيل آهن. (پاره:1،بقره :78)

۞ يعني بني اسرائيل ۾ هڪ گروهہ اهو آهي جيڪي ديني ڪتاب نٿا پڙهن، بس ٻڌل ٻڌايل ڳالهين تي اعتقاد رکن ٿا، جنهن جي ڪري اهي ايمان کان محروم آهن.
۞ معلوم ٿيو تہ: ديني ڪتاب نہ پڙهڻ، رڳو ٻڌل ٻڌايل ڳالهين تي يقين رکڻ، ڪڏهن ڪڏهن گمراهي جو سبب بڻجي ويندو آهي .

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

علم جو هڪ باب سکڻ، دنيا ۽ اُن ۾ موجود تمام شين کا بهتر آهي.[1]

## ديني ڪتاب پڙهڻ جي متعلق احڪام

(1) ديني ڪتاب پڙهڻ علم ۾ اضافي جو ذريعو ۽ وڏي ثواب جو ڪم آهي. (2) جيڪي ڪتاب اسلامي عقيدن ۽ نظرين يا شرعي حڪمن سان ٽڪرائجن، يعني انهن ۾ اسلامي عقيدن ۽ نظرين جي خلاف شيون هجن، اهڙا ڪتاب پڙهڻ حرام آهي.[2] (3) بد مذهبن جا ڪتاب پڙهڻ حرام آهي.[3] (4) ڊائجسٽ ۽ ناول وغيره جيڪي بي حيائي واريون تصويرون، فلمي اشتهار، عشقيہ، فسقيہ ۽ شهوت انگيز ڪهاڻين

1 .احياء العلوم ،ڪتاب العلم ،باب الاول في فضل العلم ...الخ ،جلد:1،صفحہ:20۔
2 کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب ،صفحہ:501
3 فتاوی رضویہ ،جلد:23،صفحہ:693،ملخصاً۔

۽ ڪيترن ئي ڪفريہ جملن تي مشتمل هجن، اهڙا ناول پڙهڻ جي هرگز اجازت ناهي.[1]

## ديني ڪتاب پڙهڻ جا فائدا

۞ ديني ڪتاب پڙهڻ سان رحمت جا دروازا کلي ويندا آهن. ۞ ديني ڪتاب پڙهڻ هدايت جو ذريعو آهي. ۞ ڪتاب پڙهڻ ذهني دٻاءُ ۽ پريشاني کي گهٽ ڪندو آهي. ۞ ڪتاب پڙهڻ حافظي جي مضبوطي جو ذريعو آهي. ۞ ڪتاب پڙهڻ علم ۾ اضافي جو سبب آهي. ۞ ڪتاب پڙهڻ جي عادت دماغ ۽ ان جي خلين (cells) کي قوت ڏئي ڊيمنشيا (Dementia) ۽ الزائمر (Alzheimer) جهڙين بيمارين کي روڪيندو آهي ۞ ديني ڪتاب پڙهڻ سان علم حاصل ڪرڻ جون فضيلتون بہ حاصل ٿينديون آهن. مثال طور: *.. علم حاصل ڪرڻ 1000 رڪعت نفل پڙهڻ کان افضل آهي.[2] * جيڪو علم حاصل ڪندو آهي الله پاڪ ان جون مشڪلاتون آسان فرمائيندو آهي.
*.. علم حاصل ڪرڻ رزق ۾ اضافي جو سبب آهي.[3]

**پڙهڻ جي لاءِ ڪجھ مفيد ڪتاب:** ۞ تفسير پڙهڻ لاءِ: صراط الجنان، * تعليم القرآن، * خزائن العرفان. **حديث پڙهڻ لاءِ:** * اربعين عطار، *فيضانِ رياضُ الصالحين، * منتخب حديثون. عقيدن بابت پڙهڻ لاءِ: * ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سوال جواب، * بنيادي عقيدا ۽ معمولاتِ اهلسنت، * گلدستہ عقائد و اعمال. **نماز، روزو، حج ۽ عمره جي مسئلن لاءِ:** * نماز جا احڪام، * فيضانِ نماز، * فيضانِ رمضان، * رفيق الحرمين. **سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهڻ لاءِ:** * سيرتِ مصطفيٰ، * سيرتِ رسول عربي، * سيرت الانبياءِ. وڌيڪ ڪتابن لاءِ مڪتبة المدينہ جو وزٽ ڪريو.

---

1 فتاوی اہلسنت،فتویٰ نمبر:WAT-3993 ۔
2 سنن ابن ماجہ ،المقدمہ ،باب من تعلم القرآن وعلمہ ،صفحہ:48،حدیث:219،ملخصًا۔
3مسند امام ابی حنیفہ مع شرح المواہب اللطیفہ؛کتاب العلم ،جلد:1،صفحہ:330،حدیث:33،ملخصًا۔

## ڪتاب پڙهڻ جي عادت بنائڻ جا طريقا

۞ علم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪريو! ان جي لاءِ علمِ دين حاصل ڪرڻ جون فضيلتون ۽ برڪتون ذهن ۾ رکو. ۞ مطالعي بابت بزرگن جا واقعا پڙهو. ۞ گهر ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪتاب رکو! جيڪڏهن تي سگهي ته گهر ۾ هڪ ننڍڙي لائبريري جي جڳهه ٺاهي ونو. ۞ هدف مقرر ڪريو! مثال طور: اميرِ اهلسنت دامَت بَرَڪاتُهمُ العالِيہ طرفان هر هفتي ڪنهن هڪ رسالي کي پڙهڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي، هر هفتي ان کي پڙهو، ان سان علم ۾ اضافي سان گڏوگڏ نيڪ عمل نمبر 12 ۽ 63 تي به عمل ٿي ويندو ۽ هڪ ديني ڪم هفتيوار رسالي جو مطالعو به ادا ٿي ويندو. ۞ ڪتاب پڙهڻ لاءِ هڪ وقت مقرر ڪري ونو ۽ ان وقت ۾ صرف ڪتاب ئي پڙهو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر 12 جي مطابق ديني ڪتاب پڙهڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي. نيت ڪريو ته هن نيڪ عمل کي اپنائيندي روزانو گهٽ مان گهٽ 12 منٽ اعليٰ حضرت رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ يا مڪتبة المدينہ جي ڪنهن ڪتاب يا رسالي يا ماهوار فيضانِ مدينہ کي گهٽ مان گهٽ 12 منٽ پڙهنداسين. اِنْ شَآءَاللهُ الكَرِيْم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بجاهِ خاتمِ النبيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

### علم ۾ اضافي جي دعا

رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا

**ترجمو:** اي منهنجا ربّ! منهنجي علم ۾ اضافو فرماءِ.[1]

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

## روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُالْمُلْك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوْرَةُالْاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَ کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينه جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينه بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناهه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق کاڌو کاڌو؟ **(30):** مسلمانن

---

[1] مدني پنج سوره، صفحه:228۔

ڪي سلام ڪيو؟ (31): سنتن تي ڪجهه نہ ڪجهه عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون چار قبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلوٰۃ اللّيل ادا ڪئي؟ (34): اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): بين کان گهري ڪري شيون استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39): ڪجهہ نہ ڪجهه وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41): وقت تي قرض ادا ڪيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجهه نہ ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48): پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49): اسراف کان بچيؤ؟ (50): ٽريفڪ جي قانون جي پابندي ڪئي؟ (51): تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (52): زبان جي گناهن کان بچيا؟ (53): فضول ڳالهين کان بچيا؟ (54): مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ (55): عمامو شريف ٻَڌو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

# هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**﴿57﴾:** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهر مان موڪليو؟ **﴿58﴾:** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **﴿59﴾:** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **﴿60﴾:** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **﴿61﴾:** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **﴿62﴾:** هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن روزو رکيو؟ **﴿63﴾:** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **﴿64﴾:** علائقائي دورو ڪيو **﴿65﴾:** پهريان اچڻ وارن پر هاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟